# پاشا نديءَ جي ڌارا

منهنجي هڪ دوست هڪ سنڌي رچنا ۾ ”تصور“ لفظ پڙهي، مون کان لکي پڇيو آهي ته ڇا اهو بهتر نه ٿيندو ته اَڄ جي بدليل حالتن ۾ اسين ”تصور“ بدران ”ڪلپنا“ لفظ جو استعمال ڪريون؟

گجرات ۾ ”اوٽو“ (گهر جي اڳيان وڌيل ٿلهو) لفظ عام جام استعمال ٿيندو آهي. سنڌالاجي آديپور - گانڌيڌام يعني گ ڄرات ۾ آهي ان ڪري سنڌالاجيءَ پاران ڇپايل سنڌي ٻال ٻوڌ ۾ ”اوٽو“ لفظ جو استعمال ٿي ويو. گجرات ۾ ته دانهن ڪانه ٿي، دانهن ٿي ائمريڪا ۾! اسان جي دلبر دوست راڄن چاولا ٻال ٻوڌ جي ته ساراهه ڪئي پر پڇيائين ته اهو ”اوٽو“ ڇا ٿيندو آهي؟ اهو لفظ سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ ته آهي ئي ڪونه!

منهنجي هڪ قابل دوست، منهنجي هڪ ليکه ۾ لکيل ”دائميت“ لفظ تي اعتراض وٺندي لکيو آهي ته اهو لفظ ڪنهن سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ ڪونهي ان ڪري اهو نئون لفظ ٺاهي توهان سنڌي ٻوليءَ سان هٿ چراند ڪئي آهي.!

مزي جي ڳالهه اها آهي ته سنڌي ڊڪشنريءَ (سنڌي - انگريزي ڊڪشنري - پرمانند ميوارام) ۾ سنڌيت لفظ به ڪونهي جيڪو لفظ اَڄ ڪلهه لڳ ڀڳ هر سنڌيءَ جي وات تي آهي ۽ جنهن لفظ جي وزن تي ڪچي سنسڪرتيءَ تي تازي ڇپيل ڪتاب ”ڪڇ تنهنجي سڃاڻپ“ ۾ ”ڪڇييت“ لفظ جو استعمال ڪيو ويو آهي!

هنن سيني حوالن مان هڪڙي ڳالهه صاف ظاهر آهي ته زنده پاشا هميشه بدلجندي رهندي آهي ان ڪري هڪ طرف ان مان ڪيترا پراڻا لفظ استعمال کان ٻاهر ٿي ويندا آهن ۽ ڪيترا

ٻيا نوان لفظ ان ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي وٺندا آهن. ضرورت موجب ان ۾ ''تصور'' سان گڏ ''ڪلپنا'' جو به استعمال ٿيندو ته مڪاني اثر هيٺ ''اوٺو'' جهڙا لفظ به اندر داخل ٿي ويندا. دائميت ۽ سنڌيت جهڙا سولا نوان لفظ به ٺهندا ته راشٽريڪرڻ ۽ قوميڪرڻ جهڙا اٽڪندڙ لفظ به ٻاشا ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا.

حقيقت ۾ هرڪا ٻاشا هڪ نديءَ مثل آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن وڏي نديءَ ۾ آس - پاس کان وهي ايندڙ نديون - نارا ملي هڪ ٿي ويندا آهن ساڳيءَ طرح سان هر زنده ٻاشا ۾ ٻانت ٻانت جا لفظ شامل ٿي ان جو انگ بڻجي ويندا آهن.